# بُزرگانِ دين جون ڳالهيون

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڙيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **بُزرگانِ دين جون ڳالهيون**

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1444هه ، آگسٽ 2022 ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي


مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

## بُزرگانِ دين جون ڳالهيون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


بُزرگانِ دين جون ڳالهيون .................................... 1
دُرود شريف جي فضيلت .................................... 1
ارشادَ حضرت ڪعب الاحبار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه .......................... 1
ارشادَ حضرت ميمون بن مهران رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 1
ارشادَ حضرت وَهب بن منبہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه .......................... 3
ارشادَ حضرت شُميط بن عَجلان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 4
ارشادَ حضرت محمد بن مُنڪَدِر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 5
ارشادَ حضرت زيد بن اَسلم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه .......................... 6
ارشادَ حضرت ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه .......................... 6
ارشادَ حضرت سفيان بن سعيد ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ...................... 7
ارشادَ حضرت سفيان بن عيينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ......................... 8
ارشادَ حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 9
ارشادَ حضرت فُضيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ......................... 10
ارشادَ حضرت احمد بن حرب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................... 11
ارشادَ محمد بن حنفيہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه .............................. 12
ارشادَ حضرت يحييٰ بن خالد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه .......................... 12
ارشادَ محمد بن ڪعب قُرظي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه .......................... 12
ارشادَ حضرت ابويعصوب فرَقد سنجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ..................... 13
ارشادَ حضرت ابو حازِم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ............................. 14

ارشادَ حضرت يحييٰ بن ابو ڪثير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ..................... 15
ارشادَ حضرت ذُوالنُّون مِصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 16
ارشادَ حضرت ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ......................... 17
ارشادَ حضرت بايزيد بَسطامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 17
ارشادَ حضرت سهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ................. 18
ارشادَ حضرت داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ...................... 22

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# بُزرگانِ دين جون ڳالهيون

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جو فرمانِ عاليشان آهي: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي ويجهو اهو هوندو جنهن مون تي وڌيڪ دُرُود شريف پڙهيا هوندا. (ترمذی،27/2،حديث:484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ارشادَ حضرت ڪعب الاحبار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

❀ جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي نعمت تي شڪر ادا نه ڪري ۽ نه ئي عاجزي ڪري ته الله پاڪ اُن ٻانهي ڪان دنياوي نفعو به روڪي ڇڏيندو آهي ۽ اُن جي لاءِ جهنّم جو هڪ طبقو کولي ڇڏيندو آهي. هاڻي الله پاڪ چاهي ته ان کي عذاب ڏي ۽ چاهي ته معاف ڪري ڇڏي. (احياء العلوم، 3 / 419)

❀ ڪتابُ الله ۾ ٽي شيون اهڙيون آهن جيڪي وڏي عظمت واريون آهن جنهن انهن جي حفاظت ڪئي اهو الله پاڪ جو حقيقي ٻانهو آهي ۽ جنهن انهن کي ضايع ڪيو اهو ان جو حقيقي دشمن آهي: (1) نماز (2) روزو ۽ (3) غُسلِ جنابت. (حلية الاولياء، 286/2، رقم: 2248)

## ارشادَ حضرت ميمون بن مهران رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

❀ عيب ڪڍڻ وارا بدترين ماڻهو هوندا آهن.
(حلية الاولياء،95/4،رقم:4872)

❀ جيڪو بارگاهِ الٰهي ۾ پنهنجو مرتبو ڄاڻڻ چاهي ٿو اهو پنهنجي عملن ۾ غور ڪري ڇوته جهڙا ان جا عمل آهن تهڙو ئي اُن جو مرتبو هوندو. (حلية الاولياء، 87/4، رقم: 4829)

❀ عالِم ۽ جاهل پنهي سان بحث و مباحثو نه ڪيو ڇو ته جيڪڏهن عالم سان بحث ڪندؤ ته اهو پنهنجو علم توهان کان روڪي ڇڏيندو ۽ جاهل سان ڪندؤ ته اهو توهان تي غصو ڪندو. ( تاريخ ابن عساكر ، 364/61)

❀ جيڪو قرآن پاڪ جي پيروي ڪري ته قرآن ان جي رهنمائي ڪندو آهي ايسيتائين جو جنّت ۾ پچائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو قرآن کي ڇڏي ڏيندو آهي قرآن اُن کي ناهي ڇڏيندو بلڪ اُن جو پيڇو ڪندو آهي. ايسيتائين جو ان کي جهنّم ۾ ڪيرائي ڇڏيندو آهي.

(حلية الاولياء، 87/4، رقم: 4828)

❀ دنيا ۾ ٻن ئي ماڻهن لاءِ ڀلائي آهي: توبه ڪرڻ واري جي لاءِ ۽ درجات جي بلندي ڪارڻ عمل ڪرڻ واري جي لاءِ. (حلية الاولياء، 86/4، رقم: 4823)

❀ اي نوجوانو! پنهنجي جواني ۽ چُستي ۾ پنهنجي قوت ۽ طاقت کي اطاعتِ الٰهي ۾ صَرف ڪري ڇڏيو ۽ اي پوڙهؤ! هاڻي ڪهڙي شيءِ جو انتظار آهي؟ ( حلية الاولياء،90/4، رقم: 4846)

❀ مون کي پنهنجي زندگي ۾ هڪ درهم صدقو ڪرڻ ان کان وڌيڪ پسند آهي ته منهنجي مرڻ کان پوءِ ڪير منهنجي طرفان سو درهم صدقو ڪري. (حلية الاولياء، 90/4، رقم: 4847)

❀ جيڪو تقدير تي راضي ناهي ان جي حماقت جو ڪوئي علاج ناهي. (احياء العلوم، 66/5)

## ارشادَ حضرت وَهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه

❀ دنيا ۽ آخرت جو مثال ٻن ساهيڙين جهڙو آهي جيڪڏهن هڪ کي راضي ڪيو وجي تہ ٻي ناراض ٿي ويندي آهي. (حلية الاولياء،53/4،رقم: 4720)

❀ بداخلاق انسان جو مثال اُن ٺُڪَر ٺِڪري جهڙو آهي جيڪو قابل استعمال ناهي رهندو. (احياء علوم ، 64/3)

❀ جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجي قدمن جي هيٺيان رکيو شيطان ان جي پاڇي کان بہ ڀڄندو آهي. (حلية الاولياء،63/4، رقم: 4759)

❀ جيڪو شخص آخرت جي عمل جي بدلي دنيا طلب ڪري الله پاڪ ان جي دل کي اُبتو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان جو نالو جهنّمين جي رجسٽر ۾ لکي ڇڏيندو آهي. (تنبيہ المغترين، ص23)

❀ مصيبت مومن جي لاءِ ايئن ئي آهي جيئن چوپاين جي لاءِ پيرن ۾ ٻيڙي. (حلية الاولياء،59/4،رقم:4740)

❀ جيڪو ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويو يقيناً اهو انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي رستي تي هلايو ويو. (حلية الاولياء،59/4،رقم:4741)

❀ مون هڪ حَواري جي ڪتاب ۾ پڙهيو: جڏهن توکي آزمائش ۾

مبتلا ڪيو وڃي يا فرمايو: آزمائش وارن جي راھ تي ھلايو وڃي تہ پاڻ ڪي خوش نصيب سمجھ چو تہ يقيناً توکي انبياء ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ صالحين جي راھ تي ھلايو ويو آھي ۽ جڏھن توکي نرمي ۽ آساني جي راھ تي ھلايو وڃي تہ يقيناً تنھنجي لاءِ انبياء ۽ صالحين کان علاوہ ڪنھن ٻي جي راھ منتخب ڪئي وئي آھي.

(حلية الاولياء،59/4،رقم:4742)

❀ شيطان کي آدم جي اولاد مان گھٽو سمھڻ ۽ گھٽو کائڻ وارو سڀ کان وڌيڪ پسند آھي. (حلية الاولياء،61/4،رقم:4752)

❀ جنھن جي بُردباري ان جي خواھش تي غالب اچي وئي اھو ئي زبردست عالِم آھي. (حلية الاولياء،63/4، رقم: 4759)

## ارشادَ حضرت شُميط بن عَجلان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

❀ جيڪو شخص موت کي ھر وقت سامھون رکندو آھي اُن کي دنيا جي تنگي ۽ خوشحالي جي ڪا پرواھ ناھي ھوندي.

(حلية الاولياء، 153/3، رقم: 3517)

❀ حضرت عبيدالله بن شُميط رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: مون پنھنجي والدِ ماجد حضرتِ شميط بن عجلان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمائيندي ٻڌو تہ الله پاڪ مومن جي قوت ان جي دل ۾ رکي آھي نہ وري ان جي عُضوَن ۾، ڇا توھان نٿا ڏسو ھڪ پوڙھو ڪمزور شخص ڏينھن ۾ روزا رکندو ۽ رات جو عبادت ڪندو آھي جڏھن تہ ڪو (منافق) نوجوان شخص ان کان عاجز ھوندو آھي. (حلية الاولياء، 153/3، رقم: 3518)

❀ ماڻهو ٽن قسمن جا هوندا آهن: (1) جيڪو شروع ئي کان نيڪي جي ڪمن ۾ مشغول رهيو ۽ ان تي هميشگي اختيار ڪئي ايسيتائين جو دنيا مان رخصت ٿي ويو هي مُقَرَّبِيِن مان آهي. (2) جنهن جي ابتدائي زندگي تہ گناهن ۽ غفلتن ۾ گذري پر پوءِ اهو توبهہ تائب ٿيو هي اهلِ يمين (يعني سڄي پاسي وارن يعني جنتين) مان آهي ۽ (3) جيڪو ابتدائي کان گناهن ۾ مَگن رهيو ۽ (بغير توبہ جي) دنيا مان هليو ويو هي اصحاب شمال (يعني کابي پاسي وارن يعني دوزخين) مان آهي. (حلية الاولياء، 155/3، رقم: 3529)

## ارشادَ حضرت محمد بن مُنكَدِر رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ ڪاڏو ڪارائڻ ۽ سني گفتگو ڪرڻ توهان کي جنّت ۾ وٺي ويندو.

(موسوعہ لابن ابی الدنیا، 193/7،رقم:304)

❀ ٻارن سان وڌيڪ مذاق نہ ڪندا ڪيو نہ تہ انهن وٽ توهان جي قدر و منزلت گهٽ ٿي ويندي. (موسوعہ ابن ابی الدنیا،238/7، رقم:393 )

❀ بيشڪ مغفرت کي واجب ڪرڻ واري شين مان هڪ بُکيي مسڪين کي ڪاڏو کارائڻ آهي. (حلية الاولياء،174/3، رقم: 3600)

❀ حضرت محمد بن مُنْكَدِر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پڇيو ويو: ڪهڙو عمل توهان کي سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي؟ فرمايائون: مومن ڀاءُ کي خوش ڪرڻ. پڇيو ويو: ان کان علاوه ڪا بي ڳالهہ جنهن مان

توهان کي لذت حاصل ٿيندي هجي؟ فرمايائون (مسلمان) پاڻُ تي خرچ ڪرڻ. (حلية الاولياء، 3/175، رقم: 3602)

❀ الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ارشاد فرمائيندو: اهي ماڻهو ڪٿي آهن جيڪي پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪنن کي لَهو و لَعِب (راند روند) ۽ مَزامِير (سازن) کان بچائيندا هئا انهن کي جنتي باغن ۾ داخل ڪيو. پوءِ فرشتن کي ارشاد فرمائيندو: ”انهن کي منهنجو حمد و ثنا ٻڌايو ۽ ٻڌايو ته هاڻي نه انهن کي ڪو خوف آهي نه ڪجھ غم.“ (حلية الاولياء، 3/176، رقم:3611)

## ارشادَ حضرت زيد بن اَسلم رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ جيڪو الله پاڪ کان ڊڄندو آهي ته ماڻهو نه چاهيندي به اُن سان محبت ڪندا آهن. (حلية الاولياء، 3/258، رقم: 3881)

❀ جيڪو شخص الله پاڪ جي اطاعت ڪري تعظيم بجا آڻي ته الله پاڪ پنهنجي جنّت سان ان کي عزت عطا فرمائيندو آهي ۽ جيڪو شخص نافرماني ڇڏي ڪري الله پاڪ جي تعظيم بجا آڻيندو آهي ته الله پاڪ ان کي اهڙي طرح عزت عطا فرمائيندو آهي جو ان کي جهنّم ۾ داخل ناهي ڪندو. وڌيڪ فرمائن ٿا: الله پاڪ کان مدد گهرو اهو توهان کي پنهنجي سواء هر هڪ کان بي پرواهه ڪري ڇڏيندو، نه ته توهان کان وڌيڪ ڪير الله پاڪ جو نيازمند هجي ۽ نه ئي توهان کان وڌيڪ ڪير ان جو محتاج هجي. (حلية الاولياء، 3/257، رقم: 3877)

## ارشادَ حضرت ابراهيم نخعي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ جنهن الله پاڪ جي رضا جي لاءِ عِلم حاصل ڪيو الله پاڪ ان

کي ايترو عطا فرمائيندو جو ان کي ڪفايت ڪندو. (مصنف ابن ابی شیبہ، 279/8)

❀ خدا جو قسم! مون خواهشات ۽ پنهنجي راءِ جي پيروي ڪرڻ وارن جي ڳالهين ۽ ڪمن ۾ ذرّي برابر ڀلائي ناهي ڏٺي. (حلية الاولياء، 247/4، رقم:5417)

❀ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان پسند ڪندا هئا تہ عمل ۾ اضافو ٿئي ڪن ڪا ڪمي نہ ڪن تہ جيئن اِستقامت باقي رهي. (حلية الاولياء، 255/4، رقم:5466)

❀ جڏهن صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ڪنهن جنازي ۾ حاضر ٿيندا هئا تہ ڪجهہ ڏينهن تائين غمگين رهندا هئا ۽ هي غم انهن ۾ واضح طور ڏٺو ويندو هو. (حلية الاولياء، 253/4، رقم: 5459)

❀ جڏهن اسان ڪنهن جنازي ۾ ويندا يا ڪنهن ميت جي باري ۾ ٻڌندا هياسين تہ اسان ڪجهہ ڏينهن تائين ان غم ۾ مبتلا رهندا هياسين ڇوتہ اسان ڄاڻون ٿا تہ ان کي اهو معاملو پيش آيو آهي جيڪو ان کي جنت ڏانهن وٺي ويندو يا وري دوزخ ڏانهن جڏهن تہ توهان جو حال هي آهي جو توهان پنهنجي جنازن ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪيو ٿا. (حلية الاولياء، 254/4،رقم:5460)

❀ جيڪڏهن ٻانهو پنهنجي گناهن جيان پنهنجي عبادت کي لڪائي تہ الله پاڪ ان جي عبادت کي ظاهر فرمائي ڇڏيندو. (حلية الاولياء، 254/4،رقم: 5461)

## ارشادَ حضرت سفيان بن سعيد ثوري رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه

❀ جيڪو نيڪ ڪم ۾ حرام مال خرچ ڪندو آهي اهو ان شخص وانگر آهي جيڪو پيشاب سان ڪپڙي کي پاڪ ڪندو آهي، ڪپڙو

پاڻي سان ئي پاڪ ٿيندو آهي ۽ گناهن کي صِرف حلال ئي مٽائيندو آهي. (ڪتاب الڪبائر، ص135)

❀ جيسيتائين خوفِ خدا جي شدت نہ هجي عبادت جي طاقت ۽ عبادت تي مضبوطي ڪنهن کي حاصل نٿي ٿي سگهي.

(حلية الاولياء، 400/6، رقم: 9094 )

❀ علم ان لاءِ حاصل ڪيو ويندو آهي تہ جيئن ان جي ذريعي الله پاڪ جو ڊپ ۽ خوف ۽ تقويٰ حاصل ٿي سگهي انهي ڪري علم کي فضيلت ڏني وئي آهي جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ اهو بہ باقي تمام شين وانگر ڪا اهميت نہ رکي ها. (حلية الاولياء، 400/6، رقم: 9095 )

## ارشادَ حضرت سفيان بن عُيَينَہ رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ

❀ علم جو پهريون درجو غور سان ٻڌڻ پوءِ خاموشي اختيار ڪرڻ پوءِ ان کي ياد رکڻ پوءِ ان تي عمل ڪرڻ ۽ پوءِ ان کي پکيڙڻ آهي.

(حلية الاولياء، 324/7، رقم: 10694)

❀ جڏهن ڪو عالم”لَاَدْرِیْ“ (يعني مان نٿو ڄاڻان) چوڻ ڇڏي ڏيندو آهي تہ هلاڪتن ۾ پئجي ويندو آهي. (حلية الاولياء، 324/7، رقم: 10696)

❀ غيبت قرض کان وڌيڪ سخت آهي، قرض تہ موٽايو ويندو آهي پر غيبت موٽائي ناهي ويندي. (حلية الاولياء، 324/7، رقم: 10700)

❀ اها جڳهہ بدترين آهي جتي ٻانهو گناهہ ڪندو رهي ۽ توبہ ڪرڻ

ڪان بغير اتان هليو ويندو آهي. (حلية الاولياء، 328/7، رقم: 10717)

❀ حڪمت ٽن شين سان ايندي آهي: (1) خاموش رهڻ (2) غور سان ٻڌڻ ۽ (3) محفوظ رکڻ سان ۽ ٽن خصلتن جي ڪري حڪمت جو ميوو ملندو آهي: (1) هميشه جي گهر (جنت) ڏانهن رجوع ڪرڻ (2) دوکي جي گهر (دنيا) کان پري رهڻ ۽ (3) موت کان پهرين موت جي تياري ڪرڻ سان. (حلية الاولياء، 330/7، رقم: 10729)

❀ اصحابِ حڪمت سان گڏ ويهندا ڪيو ڇوته انهن جي مجلس غنيمت، انهن جي صحبت سلامتي ۽ انهن جي دوستي عزت آهي.

(حلية الاولياء، 334/7، رقم: 10744)

## ارشادَ حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

❀ جنهن عالمن کي حقير سمجهيو ان جي آخرت کي نقصان ٿيندو.

(تاريخ الاسلام للذهبى، 232/12)

❀ جتي ڳالهائڻو نہ هجي اتي خاموش رهڻ ماڻهو لاءِ زبردست حُسن آهي. (حسن السمت فى الصمت ،ص108)

❀ سچ ڳالهائڻ منهنجي نزديڪ قسم کائڻ کان وڌيڪ سنو آهي.

(حلية الاولياء، 180/8، رقم:11810)

❀ مسڪرائي ملاقات ڪرڻ، گهڻي پلائي ڪرڻ ۽ ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيڻ جو نالو حسنِ اخلاق آهي. ( ترمذی، 404/3، حديث:2012)

## ارشادَ حضرت فُضيل بن عِياض رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ پنهنجي مسلمان ڀائرن جون غلطيون معاف ڪرڻ بهادري آهي.
(احياء العلوم ، 2 /221)

❀ غورو فڪر هڪ اهڙو آئينو آهي جيڪو توکي تنهنجون نيڪيون ۽ بُرائيون ڏيکاريندو آهي. (احياء العلوم، 162/5)

❀ الله پاڪ جي محبت جو مطلب اهو آهي تہ استقامت سان ان جي اطاعت ڪئي وڃي، جن ڪمن جي ڪرڻ جو ان حڪم ڏنو آهي انهن کي ڪرڻ ۽ جن کان بچڻ جو حڪم ڏنو انهن کان بچڻ کي پنهنجي مٿان لازم ڪري ونجي. (عمدة القارى ،228/1)

❀ جيڪڏهن تون تقديرِ الٰهي تي صبر نٿو ڪري سگهين تہ پنهنجي نفس جي تقدير تي بہ صبر نہ ڪري سگهندين. (احياء العلوم، 66/5)

## ارشادَ حضرت عبدالله بن عون رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ اي منهنجا ڀائرو! مان توهان جي لاءِ ٽي شيون پسند ڪيان ٿو: (1) قرآن پاڪ جو ڏينهن رات ان جي تِلاوت ڪندا رهو (2) مسلمانن جي جماعت کي مضبوطي سان پڪڙي رکو ۽ (3) مسلمانن جي عزتن جي پويان لڳڻ کان بچو. (حلية‌الاولياء، 47/3، رقم:3116)

❀ الله پاڪ جنهن کي سني صورت، سٺو رِزق ۽ نيڪ منصب ڏنو پوءِ اهو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪري تہ اهو خالص الله

وارن مان آهي.

(حلية الاولياء، 278/4، رقم: 5567)

❀ ڪيترا ئي اهڙا آهن جن ڏينهن جو استقبال ڪيو پر ان کي مڪمل نہ ڪري سگهيا ۽ ڪيترا ئي اهڙا آهن جن اچڻ واري ڏينهن جو انتظار ڪيو مگر ان کي نہ ماڻي سگهيا. جيڪڏهن توهان موت ۽ ان جي مسافت تي غور ڪيو تہ ضرور خواهشن ۽ ان جي دوکن سان نفرت ڪندؤ.

(حلية الاولياء،271/4، رقم: 5535)

❀توبہ ڪرڻ وارن جون دليون ان شيشي وانگر هونديون آهن جنهن ۾ هر شيءِ نظر ايندي آهي، انهن جون دليون نصيحت کي جلدي قبول ڪنديون آهن ۽ اهي نرمي جي وڌيڪ ويجهو هوندا آهن.

(حلية الاولياء، 279/4، رقم: 5571)

## ارشادَ حضرت احمد بن حَرب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

❀ نيڪَن سان محبت رکڻ، انهن وٽ ويهڻ، انهن جي صحبت ۾ رهڻ، انهن جي اَفعال و اَقوال ڏسي ڪري عمل ڪرڻ، انساني قَلْب (دل) جي لاءِ ان کان وڌيڪ ڪا بہ ڳالهہ نافِع (نفع بخش) ناهي.

(تنبيه المغترين، ص41مفهوما)

❀ مون کي اُن شخص تي تعجب آهي جنهن کي معلوم آهي تہ اُن جي اڳيان سجايل جنت ۽ پويان ڀڙڪندڙ جهنّم آهي پوءِ بہ ان کي ننڊ اچي وڃي. (احياء العلوم، 146/5)

## ارشادَ محمد بن حَنَفِيّ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ جيڪو حُسنِ معاشرت کان ڪم نہ وٺي اهو عقل مند ۽ دانا ناهي ۽ جيڪو معاشرت ۾ ڪو رستو نہ لهي اهو انتظار ڪري ايستائين جو الله پاڪ ان جي لاءِ ڪشادگي ۽ ان مان نڪرڻ جي واٽ پيدا فرمائي ڇڏي. (حلية الاولياء، 205/3، رقم:3712)

❀ بيشڪ الله پاڪ جنت کي توهان جي نفسن جي قيمت قرار ڏنو آهي، لهٰذا ان کي ان جي غير جي بدلي ۾ نہ وڪڻو.

(حلية الاولياء، 207/3، رقم:3718)

## ارشادَ حضرت يحييٰ بن خالد رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ جڏهن سٺي ڳالهہ ٻڌو (تہ) ان کي لکي وٺندا ڪيو، جڏهن لکي وٺو تہ ان کي ياد ڪري وٺندا ڪيو ۽ جڏهن ياد ڪري وٺو تہ بيان ڪندا ڪيو. (وفيات الاعيان، 184/5، رقم: 806)

❀ دنيا اچڻ وڃڻ واري شيءِ آهي ۽ مال عارضي آهي، اسان کان پهريان ماڻهو اسان جي لاءِ نمونو آهن ۽ اسان پنهنجي پوين جي لاءِ عِبرت آهيون. (وفيات الاعيان، 184/5، رقم:806)

## ارشادَ محمد بن ڪعب قُرَظي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ جڏهن الله پاڪ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان ۾ ٽي خصلتون پيدا فرمائي ڇڏيندو آهي: (1) دين جي سمجهہ

ساجاهه (2) دنيا کان بي رغبتي ۽ (3) پنهنجي عيبن جي معرفت.
(حلية الاولياء، 247/3، رقم: 3841)

❀ دنيا فنا جو گهر ۽ گذاري جو مقام آهي. نيڪ و خوش بخت ماڻهن ان کان منهن موڙيو جڏهن تہ بدبخت ماڻهن جي هٿن مان هيءَ تيزي سان ڀڄي نڪتي، ان جي پويان لڳو رهڻ وارو بدبخت جڏهن تہ ان کان ڪنارا ڪشي اختيار ڪرڻ وارو خوش بخت آهي. هي پنهنجي فرمانبردارن کي تڪليف ۾ وجهڻ واري، پيروڪارن کي هلاڪ ڪرڻ واري ۽ پنهنجي سامهون جهڪڻ وارن سان خيانت ڪرڻ واري آهي. فقر ان جي مالداري ۽ زيادتي ان جو نقصان آهي ۽ ان جا ڏينهن بدلجندا رهن ٿا. (حلية الاولياء، 247/3، رقم: 3842 ملتقطا)

❀ زمين هڪ شخص جي حق ۾ روئندي ۽ هڪ شخص جي خلاف روئندي آهي. جنهن جي لاءِ روئندي آهي هي اهو خوش نصيب آهي جيڪو هن جي پٺي تي الله پاڪ جي اطاعت بجا آڻيندو آهي ۽ جنهن جي خلاف روئندي آهي هي اهو بدنصيب آهي جنهن الله پاڪ جي نافرماني جي سبب زمين کي وزني ڪري ڇڏيو آهي.

(حلية الاولياء، 247/3، رقم: 3843)

## ارشادَ حضرت ابو يعقوب فَرقَد سبخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

❀ پيٽ واري جي لاءِ پيٽ جي ڪري هلاڪت آهي جو جيڪڏهن ان کي نہ ٿو ڀري تہ ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڀري ٿو تہ ڀاري ٿي ويندو آهي. (موسوعہ ابن ابی الدنیا، 117/4،رقم:224)

❀ ڪو ماڻھو ستن سالن تائين پاڻ کي ڪنھن گناھ کان بچائيندو رھي تہ ان کان پوءِ اھو ان گناھ جو ارتڪاب ناھي ڪندو.

(حلية الاولياء، 53/3،رقم:3140)

❀ اي انسانو! دنيا کي دائي ۽ آخرت کي ماءُ بڻايو، ڇا توھان ان ٻار کي ناھي ڏٺو جيڪو پاڻ کي دائي جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو پر جڏھن وڏو ٿيندو آھي ۽ پنھنجي والده کي سڃاڻڻ لڳندو آھي تہ ھو دائي کي ڇڏي پاڻ کي ماءُ جي حوالي ڪري ڇڏيندو آھي، بيشڪ آخرت بہ توھان جي ماءُ وانگر آھي ۽ ويجھو ئي آھي تہ اھا توھان کي پاڻ ڏانھن ڇڪي وٺندي. (حلية الاولياء، 53/3، رقم:3136)

❀ پاڻ فرمائن ٿا تہ مون تورات شريف ۾ پڙھيو تہ جنھن دنيا تي غمگين حالت ۾ صبر ڪيو تہ ان پنھنجي رب تي ناراضي جي حالت ۾ صبح ڪئي، جيڪو ڪنھن مالدار وٽ ويٺو ۽ ان جي لاءِ عاجزي ڪئي تہ ان جو ٻہ ٽھائي دين ھليو ويو ۽ جنھن مصيبت پھچڻ تي ماڻھن جي سامھون ان جي شڪايت ڪئي تہ ڄڻ ان اللہ پاڪ جي شڪايت ڪئي. (حلية الاولياء، 53/3، رقم:3137)

## ارشادَ حضرت ابو حازِم رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه

❀ جڏھن توھان ڏسو تہ توھان جو پروردگار توھان کي ھڪ ٻئي پٺيان نعمتون عطا ڪري رھيو آھي ۽ توھان ان جي نافرماني ڪندا وڃو ٿا تہ توھان کي ان کان ڊڄڻ گھرجي. (تاريخ ابن عساڪر، 64/22، رقم:2613)

❀ جهڙي طرح پوري ڪوشش سان توهان پنهنجا گناهه لڪائيندا آهيو اهڙي ريت پنهنجون نيڪيون لڪائڻ جي ڪوشش ڪيو.
(تاريخِ ابن عساکر ، 68/22، رقم:2613)

❀ دنيا ۾ جيڪا زندگي گذري چڪي آهي اها خواب وانگر آهي ۽ جيڪا باقي آهي اهي تمنائون آهن. (الثقات لابن حبان، 250/3،رقم:569)

❀ دنيا ۾ جيڪا شيءِ به توکي خوش ڪري ٿي ان سان گڏ توکي غمزدو ڪرڻ واري شيءِ ضرور هوندي آهي. (حلية الاولياء، 276/3،رقم:3943)

❀ بيشڪ آخرت جو ساز و سامان (دنياوي زندگي ۾) ڏاڍو سستو آهي، لهٰذا ان سستي زماني ۾ وڏ ڪان وڏ ميڙي ونو چوته جڏهن ان کي خرچ ڪرڻ جو ڏينهن ايندو ته پوءِ اهو نه تورو حاصل ٿي سگهندو نه گهٽو. (تاريخ ابن عساکر،53/22،رقم:2613)

## ارشادَ حضرت يحييٰ بن ابو ڪثير رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه

❀ نيڪين کي ياد رکڻ ۽ گناهه کي وساري ڇڏڻ تمام وڏو دوکو آهي. (حلية الاولياء، 80/3، رقم:3244)

❀ علم جسماني راحت ۽ آرام سان حاصل ناهي ٿيندو.
(تاريخ بغداد، 142/10،رقم:5279)

❀ توهان کي ڪنهن شخص جي بردباري تعجب ۾ نه وجهي ايسيتائين جو ان کي غُصي جي حالت ۾ ڏسي ونو ۽ ڪنهن جي امانت داري به توهان کي تعجب ۾ نه وجهي ايسيتائين جو ان جي

طَمَع ۽ لالَچ جو مُشَاهدو ڪري ونو چوتہ توهان کي معلوم ناهي اهو کهڙي پاسي ويهندو. (حلية الاولياء، 81/3، رقم:3251)

❀علم جي ميراث سون جي ميراث کان بهتر آهي ۽ نيڪ سيرت هئڻ موتين کان بهتر آهي. (حلية الاولياء، 78/3، رقم: 3233)

❀ ٽي شيون جنهن گهر ۾ هونديو آهن ان مان برڪت ڪڇي ويندي آهي: (1) فضول خرچي (2) زنا ۽ (3) خيانت. (حلية الاولياء، 81/3، رقم: 3252)

## ارشادَ حضرت ذُوالنُّون مِصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

❀ ڪنهن پڇيو: ماڻهوءَ کي ڪيئن خبر پئي تہ هُو مخلص آهي؟ فرمايائون: اهو نيڪ ڪم ڪرڻ ۾ پوري ڪوشش ڪرڻ جي باوجود ان ڳالهہ کي پسند ڪري تہ ماڻ مُعَزز (يعني عزّت وارو) نہ سمجهو وڃان. (تنبيہ المغترين،ص23)

❀ (پاڻ کان پڇيو ويو: ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ غمزده شخص ڪير آهي؟ فرمايائون:) جيڪو سڀ کان وڌيڪ بَد اخلاق آهي.
(رسالہ قشيريہ، ص 276)

❀ دل ۾ هيبت جو وجود ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ پنهنجي گذريل بد اعمالين کان گهبراهٽ توهان جي ”حياء“ جو ڏس ڏيندي آهي. (رسالہ قشيريہ،ص 249)

❀ ”حياء“ خاموشي جو سبق ڏيندو آهي ۽ ”خوف“ پريشان رکندو آهي. (تاريخ ابن عساڪر، 430/17 )

❀ اهڙي شخص جا دوست ٻڌجو جنهن جا وصف توهان سان ڳالهيون ڪن ۽ ان وٽ متان ويهو جنهن جي زبان توهان سان ڳالهيون ڪري. (قوت القلوب ، 1/ 324)

## ارشادَ حضرت ابوبڪر شِبلي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ بُرن ماڻهن جي صحبت جي نحوست ڪان نيڪ ٻانهن جي باري ۾ بدگماني پيدا ٿيندي آهي. (الكواكب الدرية،86/2)

❀ شڪر هي آهي ته نظر نعمت عطا ڪرڻ واري تي هجي نه نعمت تي. (احياء العلوم، 103/4)

❀ جيڪو الله پاڪ طرفان رحمت ۽ عطا ڏسي ڪري اُن سان محبت ڪري اهو محبت ۾ مخلص ناهي. (حلية الاولياء، 395/10، رقم: 15591)

## ارشادَ حضرت بايزيد بِسطامي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

❀ مون پنهنجي دل، زبان ۽ نفس جي اصلاح جي لاءِ ڏهه ڏهه سال گذاريا، ان ۾ مون کي سڀ ڪان وڌيڪ مشڪل دِل جي اصلاح معلوم ٿي. (منہاج العابدين، ص98)

❀ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي گهر واري بيان ڪري ٿي ته مون سندن کي فرمائيندي ٻڌو: مون هر شيءِ جو علاج ڪيو پر نَفس جي علاج ڪان مشڪل ڪو علاج نه پاتو حالانڪ هي نَفس منهنجي اڳيان سڀ ڪان وڌيڪ حقير آهي. (حلية الاولياء، 37/10، رقم: 14426)

❀ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: بُزرگن مَعرِفَت ڪيئن حاصل ڪئي؟ فرمايائون: انهن پنهنجا حَقَ ڇڏي ڏنا ۽ خدا جي فرضن ۾ لڳي ويا.
(حلية الاولياء، 39/10، رقم: 14441)

❀ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: عارِف جي نشاني ڇا آهي؟ فرمايائون: يادِ الٰهي ۾ سستي نہ ڪري، بندگي جو حق ادا ڪندي نہ ٿڪجي ۽ خُدا کان سواءِ ڪنهن سان دل نہ لڳائي. (حلية الاولياء، 39/10، رقم: 14443)

❀ بک ڪَکر آهي، ٻانهو بکيو هوندو آهي تہ دانائي ۽ حڪمت جي بارش وسندي آهي. (حلية الاولياء، 40/10، رقم: 14448)

❀ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن اهڙي شخص کي ڏسو جنهن کي ڪرامتون عطا ڪيون ويون هجن ايسيتائين جو هو هوا ۾ اڏرندو هجي تہ ان کان دوکو نہ کائجو ايسيتائين جو ڏسي وٺو تہ هو نيڪي جو حڪم ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ، الله پاڪ جي حَدن جي حفاظت ڪرڻ ۽ شريعت جي بجا آوري (عمل ڪرڻ) ۾ ڪيئن آهي. (حلية الاولياء، 41/10، رقم: 14453)

## ارشادَ حضرت سهل بن عبدالله تُستَري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه

❀ الله پاڪ ان ٻانهي جي دل ناهي ڪوليندو جنهن ۾ ٽي شيون هجن: (1) باقي رهڻ جي چاهت (2) مال جي محبت ۽ (3) سياڻي جو غم. (حلية الاولياء، 201/10، رقم: 14920)

❀ ماڻهن جي بُرين ۽ ڪريل عادتن جي تفتيش نہ ڪيو بلڪ

پنهنجي باري ۾ اِسلامي اَخلاق جي تفتيش ۽ ڇنڊڇاڻ ڪيو ايسيتائين جو توهان فرمانبردار ٿي وڃو ۽ توهان جي دل ۾ ۽ توهان جي اڳيان توهان جي حال جي قدر و منزلت وڏي وڃي.

(حلية الاولياء، 202/10، رقم: 14923)

❀ عِلّم کان سواءِ سڄي دنيا جهالت، اخلاص کان بغير سڄو عمل ڏوڙ جا پڪڙيل ذرا آهن ۽ اخلاص واري عمل ۾ به توهان ڏڄندا رهو ايسيتائين جو توهان کي معلوم ٿي وڃي ته عمل قبول ٿيو يا نه.

(حلية الاولياء، 203/10، رقم: 14926 ملتقطا)

❀ عِلم جو شڪر عمل آهي ۽ عمل جو شڪر علم جي زيادتي آهي. (حلية الاولياء، 203/10، رقم: 14927)

❀ پيٽ ڀرڻ غفلت جي اصل آهي. (حلية الاولياء، 203/10، رقم: 14931)

❀ ماڻهو گناهه تي جميل رهندو آهي ته ان جي تمام نيڪين ۾ نفساني خواهش جي ملاوٽ رهندي آهي ۽ جيسيتائين اهو هڪ گناهه تي به اَڙيل آهي ان جون نيڪيون خالص نٿيون ٿي سگهن. وڏيڪ اهو پنهنجي نفساني خواهش مان جان نٿو ڇڏائي سگهي جيسيتائين اهو پنهنجي نَفس جي انهن تمام شين مان نڪري نه وڃي جِن کي اهو سڃاڻيندو آهي ته اهي الله پاڪ کي ناپسند آهن.

(حلية الاولياء، 204/10، رقم: 14932)

❀ ان عِلم کان افضل ڪنهن کي ڪا شيءِ عطا ناهي ڪئي وئي جنهن جي ڪري (ٻانهي جي) الله پاڪ ڏانهن محتاجي وڌي.

(حلية الاولياء، 204/10، رقم: 14934)

❀ ٻانهن جي لاءِ چار شيون اهڙيون آهن جن کي الله پاڪ پنهنجي ذمہ ڪرم تي کنيو آهي: (1) جيڪو الله پاڪ کان ڊڄندو الله پاڪ ان کي امان ڏيندو آهي. (2) جيڪو ان کان اميد رکندو اهو پنهنجي اميد کي پهچندو. (3) جيڪو نيڪين جي ذريعي ان جو قُرب حاصل ڪندو اهو ان جي نيڪين کي قبول ڪندو ۽ هڪ جي بدلي 10 جو ثواب عطا ڪندو. (4) جيڪو ان تي توڪل ڪندو اهو ان جو توڪل قبول فرمائيندو، ان کي نفس جي سپرد (قِٽو) نہ ڪندو ۽ ان جي معاملي جي ذميداري پاڻ کڻندو.

❀ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: اهو ڪهڙو عمل آهي جيڪو ماڻهو ڪندو رهي ايسيتائين جو پنهنجي نفس جي عيبن کي ڄاڻي وٺي؟ فرمايائون: ماڻهو پنهنجي نفس جا عيب ان وقت تائين ناهي ڄاڻي سگهندو جيسيتائين پنهنجي تمام احوال ۾ نفس جو محاسبو نہ ڪري. عرض ڪيو ويو: اهو ڪهڙو مرتبو آهي جنهن تي فائز ٿيڻ وارو مقامِ عُبُوديت تي فائز ٿي ويندو آهي؟ فرمايائون: جڏهن تدبير ڇڏي ڏي. عرض ڪيو ويو: اهو ڪهڙو مرتبو آهي جنهن تي فائز ٿيڻ وارو صِدق جي مقام تي فائز ٿي ويندو آهي” فرمايائون: جڏهن الله پاڪ جي حڪم ۽ منع ڪرڻ جي معاملي ۾ ان تي توڪل ڪري. (حلية الاولياء، 205/10، رقم: 14941)

❀ اميد هر گناهہ جي زمين، حرص هر گناهہ جو ٻج ۽ ٽال مٽول هر گناهہ جو پاڻي آهي، نَدامت اطاعت جي زمين، يقين هر اطاعت جو

بج ۽ عمل ھر اطاعت جو پاڻي آھي. جيترو توھان پنھنجي دنيا کي ڪيرائيندؤ ايترو توھان پنھنجي آخرت کي بڻائيندؤ. جيترو توھان پنھنجي نَفس، نفساني خواھش ۽ پنھنجي شھوت جي مخالفت ڪندؤ ايترو توھان پنھنجي مولا کي راضي ڪندؤ. جيترو توھان پنھنجي دشمن شيطان ۽ ان جي دشمني کي ڇاڻيندؤ ايترو توھان پنھنجي رب کي سڃاڻيندؤ. (حلية الاولياء، 205/10، رقم: 14945)

❀ جيڪو بُرو گمان رکندو آھي اھو يقين کان محروم ٿي ويندو آھي، جيڪو بي فائده گفتگو ڪندو آھي اھو صِدق کان محروم ٿي ويندو آھي ۽ جيڪو فُضُول ڪمن ۾ مشغول ٿيندو آھي اھو پرھيزگاري کان محروم ٿي ويندو آھي ۽ جيڪو انھن ٽنھي شين کان محروم ھوندو آھي اھو ھلاڪت ۾ پوندو آھي ۽ ان کي دشمنن واري رجسٽر ۾ لکيو ويندو آھي. (حلية الاولياء، 205/10، رقم: 14946)

❀ ”لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ چوڻ جو ثواب الله پاڪ جو ديدار ٿي آھي ۽ جنت تہ اعمالن جو ثواب آھي. (حلية الاولياء، 214/10، رقم: 15012)

❀ حضرت احمد بن محمد بن سالِم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ مان حضرت سھل بن عبۡدُالله تُستري رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ھيس تہ ھڪ شخص اچي عرض ڪيو: اي استاد محترم! اصل غذا ڪھڙي آھي؟ فرمايائون: ھميشہ ذڪر ڪرڻ. ان شخص چيو: مان ان باري ۾ نٿو پڇان بلڪ مان تہ انساني جان جي قائم رھڻ واري شيءِ جي باري ۾ پڇي رھيو آھيان. پاڻ فرمايائون: اي ٻانھا! شيون الله پاڪ

جي ئي سبب قائم آهن. ان شخص عرض ڪيو: منهنجي مراد اها ناهي بلڪ مان تہ ان جي باري ۾ پڇي رهيو آهيان جنهن جي بغير چارو ئي ناهي. پاڻ فرمايائون: اي جوان! الله پاڪ کان بغير بہ ڪو چارو ناهي. (حلية الاولياء، 218/10، رقم: 15022)

## ارشادَ حضرت داتا علي هجويري رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه

❀ باھ تي پير رکڻ تہ نفس گوارا ڪري سگهي ٿو پر علم تي عمل ان کان ڪيئي ڀيرا ڏکيو آهي. (فيضان داتا على ہجويری، ص 70)

❀ جنهن قسم جي ماڻهن جي صحبت اِختيار ڪئي وڃي نفس انهيءَ جي خصلت ۽ عادت اختيار ڪري وٺندو آهي. (كشف المحجوب، ص375)

❀ عمل جو روح اخلاص آهي، جهڙي ريت جسم رُوح کان بغير محض (ڇڙو) پٿر آهي اهڙي ريت عمل کان بغير اِخلاص جي محض دُونهون آهي. (كشف المحجوب، ص95)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزّوجلّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ الله عزّوجلّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عزّوجلّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net